# موسيقي
# حرام آهي

**30 April 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

30 اپريل 2026ع (بمطابق: 12 ذوالقعده شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# موسيقي حرام آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

✿... براين جا خريدار

✿... روئو نه ته ڳائڻ تا پڙو...!!

✿... موسيقي کان بچڻ واجب آهي

✿... موسيقي کان بچڻ جو انعام

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي صبح ۽ شام 10، 10 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.** (1)

ڪهين گے اور نبی اِذْهَبُوْا اِلٰی غَيْرِی | مرے حضور کے لب پر اَنَا لَهَا ہو گا (2)

وضاحت: **قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهو مختلف انبياءِ ڪرام جي خدمت ۾ شفاعت جو سوال ڪٽي حاضر ٿيندا تہ سمورا نبي فرمائيندا: اِذْهَبُوْا اِلٰی غَيْرِی يعني مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي وٽ وڃو! پر جڏهن ماڻهو بارگاهِ رسالت** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم **۾ حاضر ٿيندا تہ پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم **فرمائيندا اَنَا لَهَا، اَنَا لَهَا هن ڪم (يعني شفاعت) جي لاءِ مان ئي آهيان، مان ئي آهيان**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1…مجمع الزوائد، ڪتاب الاذڪار، جلد:10، صفحہ:120، حديث:17022۔

2…ذوق نعت، صفحہ:54۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو ته ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان جي خلاف سازش

روايت آهي ته مڪي پاڪ ۾ نَضْر بن حارِث نالي هڪ غير مسلم شخص هو، هي بدنصيب اسلام جو تمام وڏو دشمن هو. هن اسلام جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهڻ لاءِ هي طريقو اختيار ڪيو ته خوبصورت آواز ۾ گانا ڳائڻ واريون لونڊيون (*Lady singers*) خريد ڪري، انهن کي پاڻ وٽ رهائيندو هو، ڪين ڪارائيندو پياريندو هو ۽ سندن خوب خيال رکندو هو، ائين ڪٽي چئجي ته هن بدنصيب پورو گناهن جو اڏو کولي رکيو هو. جڏهن ڪيس خبر پوندي هئي ته فلاڻو شخص اسلام ڏانهن مائل ٿي رهيو آهي، سندس دل اسلام جي لاءِ نرم ٿي وئي آهي، عنقريب هو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندو ته اهڙن ماڻهن کي پنهنجي گناهن جي اَڏي تي وٺي ويندو هو ۽ ڳائڻ وارين لونڊين کي چوندو: هن کي کاڌو کارايو، شراب پياريو ۽ خوب گانا ٻڌايو!

---

1- بخاري، ڪتاب بدء الوحي، صفحه:65، حديث:1.

اُهي لونڊيون ائين ئي ڪنديون هيون، پوءِ هي ڪلمو پڙهڻ جو ارادو ڪرڻ واري کي چوندو هو: ڏس! هنن ڪمن ۾ ڪيڏي لذت آهي، مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جنهن ڳالهه جي دعوت ڏئي رهيا آهن، نماز وغيره جو حڪم ڏئي رهيا آهن: ڀلا ان ۾ اهڙي لذت ڪٿي آهي...!! اهڙي طرح هن خطرناڪ ترين حربي سان هي ماڻهن کي اسلام کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو.[1]

پر قربان وڃجي!

نُورِ خُدا ہے کفر کی حرکت پہ خندہ زَن | پُھونکوں سے یہ چراغ بُجھایا نہ جائے گا

نَضْر بن حارِث لکين ڪوششون ڪيون، ماڻهن کي ڏاڍو ورغلايو پر اسلام، اسلام آهي، محبوبِ خدا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي مقدس حسن جي تاثير، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي پيارين پيارين ڳالهين جي لذت، خوبصورت تعليمات جي روشنيءَ جي سامهون هي ناقص ۽ ڪمزور حربا ڪٿي تائين مقابلو ڪري سگهن، جيئن تہ دليون اسلام ڏانهن مائل ٿيٽيون هيون، ٿينديون رهيون، ماڻهن کي ڪلمو پڙهڻو هو، پڙهندا رهيا. اسلام وڌندو وِيجهندو رهيو ۽ نَضْر بن حارِث جون تمام ڪوششون ناڪام ٿي ويون.

شهزادهءِ اعليٰ حضرت، علامہ مصطفيٰ رضا خان صاحب رحمۃُاللہِعلیہ لکن ٿا:

وہ حُسَیْن کیا جو فتنے اُٹھا کر چلے | ہاں حُسَیْن تم ہو فتنے مِٹا کر چلے
رَبّ کے بندوں کو رَبّ سے مِلا کر چلے | جلوۂ حق وہ ہم کو دِکھا کر چلے

[1] الدر المنثور، پارہ:21 ، سورۂ لقمان، زیرِ آیت:6، جلد:6، صفحہ:504 مفصلاً۔

جگمگا ڈالیں گلیاں جدھر آئے وہ | جب چلے وہ تو کُوچے بَسا کر چلے
سب کو اِسلام کا تم نے بخشا شرف | گرتے پڑتوں کو پیارے اُٹھا کر چلے [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## براين جا خريدار

پيارا اسلامي ڀائرو! نَضْر بن حارِث بدبخت اسلام جي خلاف جيڪا انتهائي خطرناڪ سازش رَٿِي هئي، گانن باجن، رقص ۽ شراب جون محفلون سجائي ماڻهن کي جهڙي طرح گمراهه ڪرڻ پئي چاهيو، صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته ان جي مذمت ۾ سيپارو 21، سورة لقمان جي آيت نمبر: 6 نازل ٿي، الله پاڪ فرمايو[2]:

| ترجموڪنزالعرفان: | |
|---|---|
| وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِىْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖۗ وَّ يَتَّخِذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ۝۶<br>(سيپارو: 21، سورة لقمٰن: 6) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ ڪجهه ماڻهو راند جون ڳالهيون خريد ڪن ٿا ته جيئن بغير سمجهڻ جي الله جي واٽ کان ڀٽڪائن ۽ انهن کي مذاق مسخري بڻائن. انهن جي لاءِ ذلّت جو عذاب آهي. |

حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عنه آيتِ ڪريمه جي تفسير ۾ قسم کڻي فرمائن ٿا ته هتي لَهْوَ الْحَدِيث (يعني راند جي ڳالهين) مان مراد ڳائڻ وڄائڻ آهي[3]. مطلب

[1] سامانِ بخشش، صفحه:179-181 ملتقطاً
[2] الدر المنثور، پاره:21 ، سورهٔ لقمان، زيرِ آيت:6، جلد:6، صفحه:504 ـ
[3] قرطبی، پاره:21 ، سورهٔ لقمان، زيرِ آيت:6، جز:14، جلد:7، صفحه:33

هي آهي تہ نَضْر بن حارِث جهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجو پيسو راند رُوند جي شين تي خرچ ڪندا آهن، گانن باجن تي، انهن جي سازن سُرُوندن جي خريداريءَ تي، ميوزيڪل فنڪشنز (*Musical functions*)تي خرچ ڪندا آهن تہ جيئن ان جي ذريعي گمراهي ڦهلائن ۽ ماڻهن کي راهِ خدا کان پري ڪري ڇڏين، هدايت کي مذاق بڻائي ڇڏين، اهڙن لاءِ ذلت جو عذاب آهي.

| | |
|---|---|
| تُو ڈر اپنا عنایت کر رہیں اس ڈر سے آنکھیں تر | مٹا خوفِ جہاں دل سے مٹا دُنیا کا غم مولیٰ |
| تو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی | تو ناخُوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ [1] |

## ڪافرن سان گڏ شريڪِ جرم

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ ۽ سندس شانِ نزول تي غور ڪريو! ڪيترو واضح ۽ صاف معلوم ٿي رهيو آهي نچڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وغيره اسلام جي خلاف سازش آهن، اڄ کان نہ، 1500 سال پهريان غير مسلم بد نصيب، ماڻهن کي اسلام کان روڪڻ لاءِ، نيڪيءَ کان دور ڪرڻ جي لاءِ، دلين کي هدايت جي نور کان پري رکڻ لاءِ گانن ۽ باجن جو استعمال ڪندا هئا.

نَضْر بن حارِث بدبخت تہ مري کپي ويو، جهنم جي باهہ ۾ سڙندو، پڇندو، دانهون ڪُوڪُون ڪندو هوندو پر افسوس...!! صد ڪروڙ افسوس! سندس شروع ڪيل سازش اڄ بہ جاري آهي، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنہُم تہ هن بدبخت جي سازش کي سمجهندا بہ هئا ۽ ان کان پري بہ رهندا هئا، اهي تہ هن امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويا پر اَڄ...!! اَڄ غير مسلم کي اهڙيون سازشون ڪرڻ جي ضرورت ئي گهٽ آهي، اڄ مسلمان پاڻ اڳتي وڌي انهن سازشن جو حصو

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

ٻڌجي رهيا آهن. ڪيترائي مسلمان آهن جيڪي هزارين نہ لکين روپيا ڳائڻ باجن ۽ فلمن ڊرامن تي خرچ ڪري ڇڏيندا آهن ◈ وڏا وڏا ميوزيڪل فنڪشنز (*Musical functions*) رکيا ويندا آهن ◈ شادي وِهانءَ جي موقعي تي ڳائڻ وڄائڻ جو باقاعده انتظام ڪيو ويندو آهي، جيڪي امير آهن، پيسي وارا آهن، اهي وڏيڪ پيسا لڳائي طوائفون ۽ ڳائڻا گهُرائي ڳائڻ وڄائڻ جو پروگرام ڪندا آهن ۽ جيڪي غريب آهن، ايترو پيسو خرچ نہ ڪري سگهندا آهن، اُهي لائوڊ اسپيڪر لڳائي، رڪارڊ تيل گانا هلائي، محلي ۾ هُل ۽ هنگامو مچائيندا آهن ◈ اڳ ۾ ڳالھ ٽي وي (**T.V**) جي هوندي هئي، وي سي آر (**V.C.R**)جي هوندي هئي، هاڻي تہ وڏي وڏي سائيز جون ايل اِي ڊِيون **L.E.Ds** لڳايون وينديون آهن ◈ هزارين نہ پر لکين روپيا لڳائي بُوفر سسٽم (***Woofer system***) خريد ڪيا ويندا آهن ◈ مڪمل ڪمرو ميوزڪ روم جيان ڊزائن ڪرايو ويندو آهي ◈ پر هاڻي تہ چارجنگ وارا هيڊ فون (***Headphone***) بہ اچي ويا آهن، جتي بہ هجو، هيڊ فون مٿي تي لڳايو ۽ ڳائڻ جي آواز تي نچندا ڪُڏندا هلندا وڃو ◈ هي تہ اميرن جا ڪم آهن، هاڻي ٿورو هيٺين طبقي وارن ڏانهن بہ نگاھ ڪريو، اهي ماڻھو جيڪي هر وقت غربت جا سُورَ پِٽِيندا رهندا آهن، انهن جو بہ ساڳيو ئي حال آهي ◈ ڪجھ وقت پهريان ايئن هو جو پوري مارڪيٽ ۾ هڪ، ٻہ يا چار دڪان سي ڊيز (***CDs***) وارا، وي سي آر (***V.C.R***) وارا هوندا هئا، هاڻي تہ هر جاءِ تي، هڪ ننڍڙي ٽيبل جي مٿان ڪمپيوٽر (***Computer***) رکي اشتهار لڳائي ويٺا هوندا آهن: **ميموري ڪارڊ ڀِرايو، موبائل ۾ گانا ۽ فلمون اسان ڪان ڀرايو.** ◈ان ڪان بہ اڳتي وَڌو تہ خود ٻارڻ وٽ موبائل موجود آهي، انٽرنيٽ جو پيڪيج موجود آهي، سوشل ميڊيا

۾ لڳل هوندا آهن، ريلز (*Reels*) ڏسندا رهندا آهن، ميوزڪ سان ڀرپور، گناهن تي مشتمل ويڊيو ڪلپ ڏنيون وٺنديون آهن پيو ته نهيو پر گڏهه گاڏن تي به گانا هلي رهيا هوندا آهن. مطلب ته گانا باجا، ميوزڪ، موسيقي اسان جي معاشري ۾ ايتري ته عام ٿي چڪي آهي، ايتري ته عام ٿي چڪي آهي جو جيڪڏهن ائين ڪٽي چئجي ته اڄڪلهه ڪنهن گهِٽيءَ، ڪنهن محلي يا ڪنهن بازار مان موسيقيءَ جو آواز ٻڌڻ کان سواءِ گذرڻ ممڪن نه رهيو آهي ته غلط نه ٿيندو. شايد ئي ائين ٿيندو هوندو ته اسان ڪٿان گذريا هجون ۽ اسان جي ڪنن ۾ ميوزڪ (*Music*)جو آواز نه آيو هجي. جيڪڏهن مسلمان سوسائٽيءَ (*Muslim Society*) جو صرف گانن باجن تي خرچ ٿيڻ واري ماهوار خرچ جو حساب لڳايو وڃي ته شايد ڳالهه ڪِروڙن اربن تائين پهچي وڃي... افسوس

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا | اُمّت پہ تیرے آ کے عجب وقت پڑا ہے

## موسيقيءَ جا اوزار ٽوڙڻ جي ذميواري

پيارا اسلامي ڀائرو!اسان جن جي غلاميءَ جو دم ڀريندا آهيون، جن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي غلاميءَ تي ناز ڪندا آهيون، اُن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي حديث پاڪ ٻڌو! فرمايائون: بُعِثْتُ بِهَدْمِ الْمِزْمَارِ، وَالطَّبْلِ يعني مون کي موسيقيءَ جا اوزار ٽوڙڻ لاءِ موڪليو ويو آهي.[1]

الله اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! اڄڪلهه مسلمان آمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مقصد جي ڪيترو ابتڙ هلي رهيا آهن، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ

1 فوائد التمام، صفحه:49، حديث:100-

آلِهٖوَسَلَّم موسيقي جا اوزار ٽوڙڻ لاءِ تشريف ڪٽي آيا ۽ مسلمان موسيقي ٻڌڻ جي اوزارن تي لکين روپيا خرچ ڪري رهيا آهن.

جو دِین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے | پردیس میں وہ آج غریب الغرباء ہے

## روئو نہ ٿا، گانا ٿا ٻڌو...!!

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ تَضْحَكُوْنَ وَ لَا تَبْكُوْنَ ۝ وَ اَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ۝ (سيپارو: 27، سورة نجم: 59-61 ) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ ڇا ان ڳالهه تي توهان تعجب ڪيو ٿا؟ ۽ کلو ٿا ۽ روئو نہ ٿا ۽ توهان غفلت ۾ پيل آهيو. |

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَاللّٰہُعنہما هن آيتِ ڪريمه ۾ لفظِ سٰمِدُوْن (يعني غفلت ۾ پوڻ) جو مطلب بيان ڪندي فرمائن ٿا: هِن مان مراد گانا آهن.[1] يعني هي فرمايو پيو وڃي تہ: اي انسانو...!! توهان کي ڇا ٿيو آهي...؟ توهان روئو نہ ٿا ۽ کِلڻ ۽ گانا ڳائڻ (۽ ٻڌڻ) ۾ مصروف آهيو...!!

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي اسان کي جهنجهوڙيو پيو وڃي...!! اي انسانو!! عبرت ڇو نہ ٿا حاصل ڪريو...! پنهنجن گناهن کي ياد ڪري روئو ڇو نہ ٿا؟ بس کلندا ئي رهو ٿا؟ مذاق مسخريءَ ۾ ئي لڳا پيا آهيو...؟ بس هر وقت گانا ٻڌڻ ۾ رُڌل آهيو...؟

[1] قرطبی، پاره:21 ، سورۂ لقمان، زیرِ آیت:6، جز:14، جلد:7، صفحه:32

## نمازي بہ پولڙا بڻجي ويندا

هڪ عبرتناڪ حديث پاڪ ٻڌو! حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عنہ کان روايت آهي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: آخري زماني ۾ هِن اُمت جي ڪجھ ماڻهن کي پولڙو ۽ خنزير بڻايو ويندو.

**وضاحت:** اللہ اکبر! اسان ماڻهو خوش فهميءَ جو شڪار رهندا آهيون تہ اسان رحمتِ دوجهان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي اُمّت آهيون، تنهنڪري اسان تي عذاب نہ ايندو. ڳالھ واقعي سچي آهي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ؕ

(پارو: 9، سورة انفال: 33)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله جو هي شان ناهي تہ انهن کي عذاب ڏي جيستائين اي حبيب! اوهان انهن ۾ تشريف فرما هجو.

پر هيءَ ڳالھ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ هن امت تي عذابِ استيصال نہ ايندو يعني سموري امت کي ئي هلاڪ ڪيو وڃي ائين نہ ٿيندو. پر! هڪ گهر تي تہ عذاب اچي سگهي ٿو، هڪ محلي تي تہ عذاب اچي سگهي ٿو. هڪ قبيلي تي تہ عذاب اچي سگهي ٿو.

جيئن تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: آخري زماني ۾ هِن اُمَّت جي ڪجھ ماڻهن کي پولڙو ۽ خنزير بڻايو ويندو. صحابہ ڪرام علیہم الرضوان حيرت مان پڇيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اُهي ماڻهو ايمان نہ رکندا هوندا؟ ڪلمو نہ پڙهندا هوندا؟

هاڻي اڳتي جيڪي عبرتناڪ الفاظ آهن، اهي توجهه سان ٻڌو! فرمايائون: بَلٰى چو نہ (اي منهنجا صحابہ! توهان صرف ايمان جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو) وَيَصُومُونَ وَيُصَلُّونَ وَيَحُجُّونَ ◈ اُهي روزا بہ رکندا هوندا، ◈ نمازون بہ پڙهندا هوندا، ◈ حج بہ ادا ڪندا هوندا.

**وضاحت:** هاڻي تہ صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي حيرت اجان وَڌِي وئي. اڳين امتن تي جيڪي عذاب آيا، انهن جو سڀ کان وڏو جرم هي هو تہ اهي ڪلمو نہ پڙهندا هئا، ◈ قومِ نوح ڪلمو نہ پڙهيو تہ مٿس عذاب آيو، ◈ قومِ لوط جا ٻيا بہ جرم هئا پر ڪلمو نہ پڙهيائون تہ مٿن عذاب آيو، ◈ قومِ عاد ۽ ثمود بہ ڪلمو نہ پڙهيو تہ انهن تي عذاب آيو، هتي تہ ڪلمو پڙهڻ وارن تي، ايمان وارن تي، روزا رکڻ وارن تي، نمازون پڙهڻ وارن تي، حج ڪرڻ وارن تي...!! عذاب ايندو، ڪين باندر ۽ خنزير بڻايو ويندو...؟

عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم! سندن جرم ڪهڙو هوندو...؟

فرمايائون: هِي ماڻهو موسيقيءَ جا اوزار رکڻ وارا هوندا، ڳائڻ واريون رکڻ وارا هوندا (گانا باجا ٻڌڻ وارا هوندا) سڄي سڄي رات شراب پيئڻ وارا هوندا ۽ راند رُوند ۾ مصروف رهڻ وارا هوندا، صبح جو اٿندا تہ باندر ۽ خنزير بڻجي چڪا هوندا. [1]

[1] موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب ذم الملاہی، جلد:5، صفحہ:280۔

## بظاهر نيڪ نمازي مگر...

اللہ اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ عبرت جي ڳالھ آهي ...!! يعني اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏسي رهيا هئا تہ منهنجي امت تي هڪ وقت اهڙو بہ ايندو، جڏهن بظاهر نيڪ نمازي، مسجدن ۾ اچڻ وارا، روزا رکڻ وارا، حج ۽ عمري لاءِ تڙپڻ وارا، بظاهر مذهبي ماڻهو بہ گانن ۽ باجن جي نحوست ۾ گرفتار ٿي ويندا.

هاءِ افسوس! اُهو زمانو اڄ اسان پنهنجين اکين سان ڏسي رهيا آهيون. هڪ وقت هو، جڏهن ٽي وي *T.V* نئين نئين آئي هئي، پاڙي ۾ جنهن گهر ۾ ٽي وي هوندي هئي، ماڻهو پنهنجن ٻارن کي ان گهر ۾ وڃڻ کان روڪيندا هئا تہ اتي ٻار ٽي وي ڏسي خراب ٿي ويندا. هاڻي تہ ڳالھ ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي وئي آهي...! ٽي وي، وي سي آر، سي ڊي، اِهي سڀ تہ پُراڻيون شيون ٿي ويون آهن، هاڻي تہ هر هڪ جي کِيسي ۾ موبائل آهي. گهر ۾ 5 ڀاتي آهن تہ سيني کي پنهنجي پنهنجي الڳ موبائل آهي. ڪير ڇا ڏسي رهيو آهي، ڪنهن کي ڪا خبر نہ آهي. ◈عام طور تي هي ئي حال آهي تہ سوشل ميڊيا ڏسندي ڏسندي تہ ڪٿي نہ ڪٿي ميوزڪ وغيره ۾ گرفتار ٿي ويندا آهن ◈ يوٽيوب هلائيندا آهن تہ ميوزڪ سامهون اچي ويندي آهي ◈ خالص مذهبي ويڊيو، بيان، نعت هلائيندا آهن تہ ايڊ (*Ads*) اچي ويندي آهي، ان ۾ بدنگاهي ۽ ميوزڪ جو سامان موجود هوندو آهي ◈ پر هاڻي تہ ميوزڪ واريون نعتون بہ مارڪيٽ ۾ موجود آهن ◈ سڄي سڄي رات محفل سجائيندا آهن، ميلادِ مصطفيٰ جي نالي تي محفل سجندي آهي، پري پري کان

شخصيتون گھرايون ويندیون آهن، ان ۾ ميوزڪ سان نعتون پڙهيون ويندیون آهن.

اي عاشقانِ رسول! سوچيو...!! هي اسان کي ڇا ٿي ويو آهي...! اسان ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهيون. تصور ڪريو...!! اُهي ماڻهو جيڪي پنجن وقتن جا پڪا نمازي بہ آهن، روزا بہ رکندا آهن، سنا سنا اسٽيٽس (***Status***) بہ لڳائيندا آهن پر رات جو جڏهن اڪيلائيءَ ۾ هوندا آهن، هيندَ فري لڳائي موبائل تي الائي ڇا ڇا ڏسندا آهن...!! سوچيو! جيڪڏهن هيءَ عبرتناڪ حديث پاڪ اسان جي ئي متعلق ٿي پئي ...!! افسوس! رات جو موبائل تي گناهن ڀريون شيون ڏسندي ڏسندي سُمهون ۽ صبح جو باندر يا خنزير بڻجي چڪا هجون تہ ڇا ٿيندو...؟ هاءِ افسوس! آخرت جو عذاب تہ پنهنجي جاءِ تي، دنيا ۾ ئي عزت جو جنازو نڪري ويندو.

## فلاٽو زمين ۾ غرق ٿي ويو

حديثِ پاڪ ۾ آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان ﷺ فرمايو: هن امت ۾ هڪ قوم هوندي، اُهي رات جو کائيندا، پيئندا، خوب کيل تماشو ڪندا، جڏهن صبح ٿيندو تہ پولڙا ۽ خنزير بڻجي چڪا هوندا، سندن گھر زمين جي اندر دٻجي ويندا. ماڻهو پڪاري رهيا هوندا: رات فلاڻي جو گھر زمين ۾ دٻجي ويو. ٻئي طرف کان آواز ايندو: فلاڻي جو گھر بہ زمين ڳِيهِي وئي.

وڌيڪ فرمايائون: انهن تي آسمان کان اهڙي طرح پٿر وَسندا جيئن قومِ لوط تي وَسيا هئا، اهڙي ئي تباهہ ڪرڻ واري آنڌاري ايندي، جهڙي قومِ عاد تي آئي هئي.

سندن جرم ڪهڙا هوندا؟ فرمايائون: ◈ اُهي شراب پيئندا هوندا ◈ وياج کائيندا هوندا ◈ ڳائڻ وڄائڻ جو اهتمام ڪندا هوندا ۽ ريشم پائيندا هوندا، ◈ رشتيداريون ٽوڙيندا هوندا.[1]

الله پاڪ جي پناهه...!! افسوس!◈ شاديءَ جي فنڪشنز ۾ ◈ مينديءَ جي راتين جو گهرن ۾ ناچ ۽ ڳائڻ وڄائڻ جو اهتمام ڪرڻ وارا، سڄي سڄي رات وڏي آواز سان گانا هلائي پوري محلي جو چين ۽ سڪون برباد ڪرڻ وارا ◈ ڪڏهن ويلنٽائن ڊي جي نالي تي ◈ ڪڏهن عيد جي چنڊ رات ◈ ڪڏهن ڪنهن اداري يا ڪمپنيءَ وغيره جي گولڊن جوبلي ته ڪڏهن سِلوَر جوبلي، ڪڏهن ڊائمنڊ جوبلي ◈ ڪڏهن ٻار جي سالگرهه ۽ نه ڄاڻ ڪهڙن ڪهڙن نالن سان سڄي سڄي رات فنڪشن رکڻ وارا، سڄي رات ميوزڪ وڄائڻ وارا، گانا ٻڌڻ ٻڌائڻ وارا، راڳ رنگ جون محفلون سڄائڻ وارا ٿورو سچي دل سان غور ڪريو. هيءَ عبرتناڪ حديث پاڪ جيڪڏهن اسان جي ئي متعلق هجي، اهو گهر جيڪو زمين ۾ ڌڄي ويندو، الله نه ڪري! جيڪڏهن اسان جو ئي گهر هجي، اهي ماڻهو جيڪي باندر ۽ خنزير ٺاهيا ويندا، افسوس! جيڪڏهن اسان ئي هجون، جن تي پٿر وَسايا ويندا، جيڪڏهن اهي بدنصيب اسان ئي هجون ته پوءِ سوچيو! ڇا ٿيندو...؟

| | |
|---|---|
| آج بنتا ہوں معزز جو کُھلے حشر میں عیب | آہ!رُسوائی کی آفت میں پھنسوں گا یاربّ! |
| گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی | ہائے!میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یاربّ! |
| عفو کر اور سدا کے لیے راضی ہو جا | گرکرم کردے توجنّت میں رہوں گا یاربّ! (2) |

[1] مسند ابی داود طیالسی، جلد:2، صفحہ:456، حدیث:1233۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:85 ملتقطاً۔

## توبه ڪري وٺو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! اجا اسان وٽ وقت آهي، ساهَ هلي رهيا آهن، اسان کي توبهه ڏانهن وڌڻ گهرجي، گانا باجا ٻڌڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، گندا ۽ گناهن ڀريا ريلز ڏسڻ، سوشل ميڊيا تي وقت ضايع ڪرڻ وغيره سڀني غلط ڪمن کان توبهه ڪري ڇڏڻ گهرجي.

کر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

## گانن جي مذمت جي باري ۾ احاديث

حديث شريف ۾ آهي: ٻن آوازن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت آهي (1): نعمت جي وقت باجو وڄائڻ (2): مصيبت جي وقت پارَ ڪيڻ.[1]

امام بيهقي رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪن ٿا: گانن باجن کان پاڻ کي بچايو ڇوته اِهي شهوت کي اُڀاريندا آهن ۽ غيرت کي برباد ڪندا آهن ۽ اِهي شراب جي قائم مقام آهن، انهن ۾ نشي جيان تاثير آهي.[2]

## فون جي ميوزيڪل ٽيونز کان توبهه ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه موبائل فون ۾ به معاذالله اڪثر ميوزيڪل ٽيون هوندي آهي ۽ اِها ناجائز آهي. جنهن جي فون ۾ ميوزيڪل ٽيون هجي ان جي لاءِ ضروري آهي ته هاڻي جو هاڻي توبهه به ڪري ۽ هٿو هٿ پنهنجي موبائل مان هن منحوس ٽيون کي هميشه هميشه

[1] مسند بزار، جلد:14، صفحہ:62، حدیث:7513۔
[2] شعب الایمان، باب فی حفظ اللسان، فصل فی حفظ اللسان ...الخ، جلد:4، صفحہ:280، حدیث:5108۔

لاءِ ختم ڪري ڇڏي. جي نہ تہ جڏهن جڏهن اِها ميوزيڪل ٽيون وَڄندي ٻڌڻ بہ ٻڌڻ جي آفت ۾ پوندو ۽ ٻيو مسلمان بہ جيڪڏهن ٻڌڻ کان بچڻ جي ڪوشش نہ ڪندو تہ ڦاسندو.

## موسيقي نفاق پيدا ڪندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان وٽ عجيب حال آهي، موسيقيءَ جي پرستارن پنهنجو دڪان چمڪائڻ لاءِ الڳ ئي شوشو ڇڏيو آهي، چوندا آهن: موسيقي روح جي غذا آهي. اَسْتَغْفِرُ الله!

ها! اِها ڳالھ نيڪ آهي. واقعي موسيقي روح جي غذا آهي پر زهريلي...!! ان ۾ ايترو سخت ترين زهر آهي جيڪو تمام تيزيءَ سان روح کي بگاڙي ڇڏيندو آهي. عظيم صحابي رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا::

اَلْغِنَاءُ يُنْبِتُ النِّفَاقَ فِي الْقَلْبِ كَمَا يُنْبِتُ الْمَاءُ الزَّرْعَ وَالذِّكْرُ يُنْبِتُ الْاِيمَانَ فِي الْقَلْبِ كَمَا يُنْبِتُ الْمَاءُ الزَّرْعَ

ترجمو: ڳائڻ دل ۾ ائين نفاق پيدا ڪندو آهي، جيئن پاڻي فَصُل کي وڌائيندو آهي ۽ ذڪر دل ۾ ائين ايمان پيدا ڪندو آهي، جيئن پاڻي فصل کي وڌائيندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ روح جون بہ غذائون آهن: (1): ڳائڻ هي انتهائي زهريلي غذا آهي، جيڪا دل جي اندر نفاق پيدا ڪري روح کي بگاڙي

[1] سنن کبریٰ للبيهقي، جلد:10، صفحه:420، حديث:21007ـ

ڇڏيندي آهي (2): ٻي غذا اللہ پاڪ جو ذڪر آهي، هيءَ انتهائي مفيد غذا آهي جيڪا دل ۾ ايمان جو نور پيدا ڪري روح کي چمڪائي ڇڏيندي آهي.

## عَملي منافقت جا مثال

افسوس! اڄڪلهه تقريباً هر شيءِ تي موسيقي مُسَلَّط آهي ◈ ڪار هجي يا هوائي جهاز ◈ ٽرڪ هجي يا بس ◈ ٽيڪسي هجي يا سوزوڪي ◈ گڏهه گاڏو هجي يا ڏاند گاڏي ◈ گهر هجي يا دڪان ◈ ڪارخانو هجي يا گودام ◈ هوٽل هجي يا پان جي ڪيبن تقريباً هر جڳهه تي موسيقيءَ جون ڌُنون ٻڌيون ويندين آهن. ٻار اڪيون ئي موسيقيءَ جي سُرَن ۾ کولي رهيو آهي، ويچاري جي پينگهي تي رانديڪو لٽڪائي ڇڏيندا آهن جيڪو ڪيس موسيقي ٻڌائيندو رهندو آهي ۽ ڪيس سُمهاري ڇڏيندو آهي ◈ رانديڪن ۾ گُڏِي هجي يا رِڇُ ◈ ريل گاڏي هجي يا هوائي جهاز سڀني ۾ موسيقي هوندي آهي، ايسيتائين جو ٻار جون جُتيون به موسيقي وَڄائينديون آهن! جنهن جو نتيجو ڏسو! معاشري ۾ عملي منافقت يعني مسلمان هوندي به منافقن جهڙيون عادتون ڪيتري قدر عام ٿينديون پيون وڃن. قرآن ڪريم ۾ منافقن جي نشاني بيان ڪئي وئي آهي:

| | |
|---|---|
| وَاِذَا قَامُوْۤا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ (سيپارو: 5، سورة نساء: 142) | ترجمو ڪنز العِرفان: ۽ جڏهن نماز جي لاءِ اٿندا آهن ته وڏا سست ٿي ڪري. |

معلوم ٿيو ته نمازن ۾ سستي ڪرڻ منافقت جي نشاني آهي. هاڻي ٻڌايو! ◈ ڪيترا مسلمان آهن جيڪي نماز پڙهندا ئي نه آهن ◈ ڪيترن

ماڻهن کي هي چوندي ٻڌندا آهيون ته منهنجي نماز ۾ دل نه ٿي لڳي ◈ ڪيترائي اهڙا به ملندا جيڪي اڳ ۾ پابنديءَ سان نمازون پڙهندا هئا، پر هاڻي نه ٿا پڙهن.

هي دل ۾ نفاق جو هجڻ نه آهي ته پلا بيو ڇا آهي؟ الله پاڪ فرمايو آهي:

وَلَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۴۲﴾
(سيپارو: 5، سورة نساء: 142)

ترجموڪنزالعِرفان: ۽ الله کي تمام ٿورو ياد ڪندا آهن.

معلوم ٿيو ته ذڪرُ الله ڏانهن رغبت نه هجڻ به منافقت جي نشاني آهي. ان تي به غور ڪريو! اسان جي معاشري ۾ فلمون ڏسڻ وارا ڪيترا آهن ۽ تلاوت ڪرڻ وارا ڪيترا آهن؟ ◈ گانا ٻڌڻ وارا ڪيترا آهن ۽ نعتون ٻڌڻ وارا ڪيترا آهن؟ يقيناً محفلن ۾ اچڻ وارن، نعتون ٻڌڻ وارن، مديني وڃڻ وارن جو تعداد به گهٽ نه آهي پر جيڪڏهن ڀيٽ ڪئي وڃي ته هڪ وڏو فرق موجود آهي.

◈ حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: ڪوڙ ڳالهائڻ منافق جي نشاني آهي.[1] ڏسو اسان جي معاشري ۾ ڪوڙ ڪيتري قدر عام آهي ◈ حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو امانت ۾ خيانت ڪرڻ منافق جي نشاني آهي ◈ گاريون ڏيڻ منافق جي نشاني آهي ◈ واعدي خلافي ڪرڻ منافق جي نشاني آهي.[2] توهان پاڻ غور ڪري ڏسو! ڇا اِهي شيون اسان جي معاشري ۾ موجود نه آهن؟ گاريون ته ماڻهن جي زبان جي چوٽِيءَ تي رکيل هونديون آهن، اهڙيون اهڙيون گنديون

[1] بخاری، کتاب الایمان، باب علامة المنافق، صفحہ:79، حدیث:34۔
[2] بخاری، کتاب الایمان، باب علامة المنافق، صفحہ:79، حدیث:34۔

گاريون ڏيندا آهن جو با حيا ماڻهو ٻڌي ئي نہ سگهي. امانت داريءَ جو حال بہ اسان جي سامهون آهي وڏيڪ ڇا چئجي پر مسجدن ۾ جوتا بہ محفوظ نہ آهن ◈ مسجد جون ٽونٽيون بہ محفوظ نہ آهن ◈ کو ويچارو واٽ ويندڙن لاءِ پاڻيءَ جي ٽانڪي گهڙيءَ ۾ رکندو آهي تہ گلاس زنجير سان ٻَڌڻو پوندو آهي، اِهو اسان جي امانت داريءَ جو حال آهي. هي سڀ ڪجهہ نفاق ئي تہ آهي. جيئن جيئن معاشري ۾ موسيقي عام ٿي رهي آهي، تيئن تيئن منافقت جون نشانيون بہ وڌي رهيون آهن. هي آهي نام نهاد (جنهن کي نادان ماڻهو روح جي غذا (سمجهندا آهن اُن) جو نتيجو...! معلوم ٿيو تہ موسيقي روح جي غذا ضرور آهي پر اُها انتهائي زهريلي غذا آهي، جيڪا روح کي تباهہ ڪري ڇڏيندي آهي.

## رُوحَ جي حقيقي غذا

روح جي حقيقي غذا ڪهڙي آهي؟ الله پاڪ جو ذڪر...!! فرمايو ويو:

اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾

(سيپارو:13، سورة رعد:28)

ترجموڪنزالعرفان: ٻڌو! الله جي ئي ياد ۾ دلين جو آرام آهي.

معلوم ٿيو تہ روح جي اصل غذا الله پاڪ جو ذڪر آهي جيڪو الله پاڪ جي فضل سان مرده دلين کي بہ زنده ڪري ڇڏيندو آهي. حديث شريف ۾ آهي، الله پاڪ جي حبيب، دلين جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ جيئن لوهہ (*Iron*) تي زنگ چڙهندو آهي، ايئن ئي دليون بہ زنگ آلود ٿي وينديون آهن. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! دل جي زنگ جو علاج ڇا آهي؟ فرمايائون: موت کي ڪثرت سان ياد ڪرڻ ۽ ذڪرُالله جي

ڪثرت ڪرڻ.[1]

| | |
|---|---|
| کاش لب پر مرے رہے جاری | ذِکر آٹھوں پَہر ترا یاربّ! |
| چشمِ تَر اور قلبِ مُضطَر دے | اپنی اُلفت کی مے پِلا یاربّ![2] |

## توبه جي توفيق مِلي وئي

حضرت ابو هاشم رحمۃُاللہِعلیه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان بصره وڃڻ لاءِ ٻيڙِيءَ ۾ سوار ٿيس. ان ٻيڙِيءَ ۾ هڪ مرد هو ۽ ساڻس گڏ هڪ ٻانهي به هئي. جڏهن اسان ڪجهه اڳتي وڌياسين ته ان مرد پنهنجي ٻانهيءَ کي چيو: شراب ڪڍي اچ! هُوءَ شراب ڪڍي آئي، مرد شراب پيئڻ لڳو ۽ سندس ڪنيز ڳانو ڳائڻ لڳي. پوءِ ان شخص مون ڏانهن ڏسي ۽ چيائين: ڇا تو وٽِ ان (ڳاني) جهڙو ڪجهه آهي؟ مون چيو: ها! مون وٽ اُهو ڪجهه آهي جيڪو ان ڪان گهڻو وڌيڪ بهتر ۽ ڀلو آهي. هن چيو: ٻڌاءِ! مون هي آيتون تلاوت ڪيون:

| | |
|---|---|
| اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿۱﴾ وَ اِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ ﴿۲﴾ وَ اِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ ﴿۳﴾ (سيپارو: 30، سورة تڪوير:1-3) | ترجموڪنزالعرفان: جڏهن سج کي ويڙهيو ويندو. ۽ جڏهن تارا ڪري پوندا. ۽ جڏهن جبل هلايا ويندا. |

هنن آيتن کي ٻڌي اهو شخص روئڻ لڳو، جڏهن مان الله پاڪ جي هِن فرمان تي پهتس:

1… شُعَبِ الايمان، جلد:2،صفحه:353، حديث:2014۔

2… وسائلِ بخشش، صفحه:79۔

| | |
|---|---|
| وَ اِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ﴿۱۰﴾ (سيپارو: 30، سورة تڪوير: 10) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ جڏهن اعمال ناما کوليا ويندا. |

تہ هُو چوڻ لڳو: اي ڪنيز! مان توکي الله پاڪ جي رضا لاءِ آزاد ڪريان ٿو، هن شراب کي هاري ڇڏ! پوءِ هُن مون کي پنهنجي ويجهو گهرايو ۽ چوڻ لڳو: منهنجا ياءُ! توهان ڇا ٿا چئو؟ ڇا الله پاڪ منهنجي توبهہ قبول فرمائيندو؟ مون جواب ۾ هيءَ آيت پڙهي ڇڏي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَ يُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿۲۲۲﴾ (سيپارو: 2، سورة بقره: 222) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله گهڻي توبهہ ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آهي ۽ خوب صاف سٿرو رهڻ وارن کي پسند فرمائيندو آهي. |

(اِهو ٻڌي هُن شخص توبهہ ڪري ڇڏي). (1) حضرت ابو هاشم فرمائن ٿا: ان کان پوءِ 40 سالن تائين اسان دوستن جيان رهياسين. 40 سالن کان پوءِ سندس انتقال ٿي ويو. مون کيس خواب ۾ ڏٺو تہ ڪانئس پڇيو: توهان سان ڪهڙو معاملو ٿيو؟ توهان جو نڪاڻو ڪٿي آهي؟ چيائين: منهنجي رب مون کي جنت عطا فرمائي ڇڏي.[2]

سُبْحٰنَ الله! هيءَ آهي ذڪرُ الله جي برڪت...!! معلوم ٿيو تہ روح جي اصل غذا الله پاڪ جو ذڪر آهي، جيڪو مرده دلين کي زنده ڪري نوراني

---

1... درة الناصحين،المجلس الخامس والخمسون فی فضيلة التو بة، صفحه:206۔

2 عيون الحکايات، الحکاية التاسعة و الستون بعد المائة...الخ،صفحه:180۔

ٻڌائي ڇڏيندو آهي.

## موسيقيءَ کان بچڻ جا ڪجھہ طريقا

تنهنڪري اڄ کان پر ھاڻي کان ئي موسيقيءَ کان پڪي سچي توبھ ڪريو! نہ ٻڌو! نہ پاڻ گانا باجا ٻڌو! نہ ٻين جي ٻڌڻ جو سبب بڻجو! ◈ ان جي لاءِ سڀ کان پهريان تہ پنهنجي موبائل کي پاڪ ڪريو! ◈ سنجيدگيءَ سان غور ڪريو! ڇا اوھان کي واقعي انٽرنيٽ پيڪيج جي ضرورت آهي؟ جيڪڏھن واقعي ضرورت آهي تہ پيڪيج ڪرايو! جي نہ آهي، تہ نہ ڪرايو ◈ اڪثر ڪري ھڪٻئي سان رابطي جي ضرورت وڌيڪ ھوندي آهي، تنهنڪري اهڙو پيڪيج ڪرايو جنهن ۾ صرف رابطو ڪرڻ ۾ آساني ھجي، سوشل ميڊيا وغيره نہ هلن! ◈ جيڪڏھن سوشل ميڊيا وغيره جي ضرورت ھجي ۽ ڪنهن سٺي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻو ھجي تہ آئي ٽي *I.T* جي ماھرن جي مدد سان ايڊ بلاڪنگ وغيره جي سيٽنگ ڪرائي ڇڏيو! ◈ جيڪڏھن ممڪن ھجي تہ بس جي بدران ريل ۾ سفر ڪريو جو ان ۾ گانا نہ هلايا ويندا آهن ◈ بس وغيره لوڪل ٽرانسپورٽ يا ھوائي جهاز وغيره ۾ سفر ڪرڻو ھجي تہ ھينڊ فري ساڻ رکو! جيڪڏھن بس وارا گانا هلائن تہ پهريان تہ نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ڪين ائين ڪرڻ کان روڪيو! پيار محبت ۽ حڪمت عمليءَ سان سمجھائيندؤ تہ اِنۡ شَآءَاللّٰهُ الۡكَرِيۡم! مڃي ويندا. جيڪڏھن نہ مڃين تہ پنهنجي موبائل ۾ تلاوت يا نعت وغيره لڳائي ھينڊ فري لڳائي ڇڏيو! ◈ وارَ ڪترائڻ لاءِ اهڙو حجم چونڊيو جيڪو گانا نہ ٻڌندو ھجي. جيڪڏھن ٻڌندو بہ ھجي تہ وٽس اهڙي وقت وڃو جڏھن ان وٽ رَشِ نہ ھجي، توھان اڪيلا ھوندا تہ گانا بند ڪرائڻ ۾ آساني رھندي ◈ پنهنجي گھر ۾ صرف ۽ صرف **مدني چينل**

ئي هلايو! چوتہ هي واحد اسلامي چينل آهي جنهن تي هڪ سيڪنڊ لاءِ بہ ميوزڪ نہ وڄندي آهي. ڪيبل يا ڊش آپريٽر جي ذريعي اهڙي سيٽنگ ڪرايو جو گهر ۾ مدني چينل ڪان سواءِ ٻيو ڪو چينل نہ هلي سگهي ٻي صورت ۾ چينل تبديل ڪرڻ وقت ميوزيڪل چينل اچي سگهن ٿا ◈ هڪ تہ ٻارن کي موبائل ڏيڻ نہ گهرجي، پر جيڪڏهن ڏيڻ ضروري ئي هجي تہ انهن کي سوشل ميڊيا وغيره هلائڻ نہ ڏيو! اسلامي ڪارٽون مثلاً غلام رسول کے مدنی پھول ◈ حمزه ◈ ڪنيز فاطمہ وغيره لڳائي ڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٻارن جي بهتر تربيت بہ ٿيندي ۽ ميوزڪ جي آفت ڪان بہ جان ڇُٽِي پوندي.

## موسيقي ڪان بچڻ واجب آهي

موسيقي معاشري ۾ ڏاڍي عام آهي، حالتون اهڙيون آهن جو بچڻ جو ذهن رکڻ وارو بہ جڏهن انتهائي ڪوشش ڪندو تڏهن ئي بچڻ جي ڪا راهَ نڪري سگهي ٿي. ان ڪري جيڪڏهن توهان ڪنهن بہ طرح موسيقيءَ ڪان نہ ٿا بچي سگهو تہ ان ڏانهن توجهه هٽائي ڇڏيو! مثال طور اوهان بازار ۾ آهيو ۽ اتي ميوزڪ هلي رهي آهي، اوهان روڪي بہ نہ ٿا سگهو، اتان هٽي بہ نہ ٿا سگهو تہ هاڻي ان ڏانهن توجهه نہ ڏيو! علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ميوزڪ جو آواز ڪنن ۾ نہ اچي، ان جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ واجب آهي.[1]

هي لفظ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ: ڀرپور ڪوشش ڪرڻ واجب آهي- صرف پنهنجو پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ بہ چار قدم هٽي وڃڻ ڪافي نہ آهي. جيتري ڪوشش اوهان جي اختيار ۾ آهي، ايتري ڪوشش ڪرڻي پوندي.

[1] رد المحتار لابن عابدين، كتاب الحظر و الاباحة، فصل فى البيع، جلد:9، صفحہ:651۔

## عزت بچائي گذري وڃو!

الله پاڪ نيڪ ماڻهن جي هڪ خاصيت ٻڌائي آهي:

وَاِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ﴿۷۲﴾

(سيپارو: 19، سورة فرقان: 72)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ جڏهن ڪنهن بيهوده ڳالهه وٽان گذرندا آهن ته پنهنجي عزت سنڀاليندي گذري ويندا آهن.

معلوم ٿيو ته نيڪ ماڻهو جڏهن ڪٿان گذرندا آهن ۽ اتي لغو يا گناهن ڀريا ڪم ٿي رهيا هوندا آهن ته اتان پنهنجي عزت بچائي گذري ويندا آهن. تنهنڪري جتي ميوزڪ هلي رهي هجي، اتان عزت بچائي نڪري وڃڻ جي عادت ٺاهيو!

## لذت حاصل ڪرڻ ڪفر منجهان آهي

حديث پاڪ ۾ آهي: لهو و لعب (مثلاً ڳانن وغيره) ڏانهن توجه ڪرڻ گناهه آهي، ان جي ٻڌڻ ۾ ويهڻ فِسق آهي ۽ ان مان لذت وٺڻ ڪفر مان آهي.[1]

هڪ هي آهي ته ماڻهو پاڻ ڳانا هلائي، اِهو ته گناهه ئي گناهه آهي، ڪٿي هلي رهيا هجن، اسان اتان گذرياسين، يا ڪنهن دڪان وغيره تي پهتاسين، ته اتي ڳانن جو آواز ڪنن تي پيو، ان ڏانهن ڌيان ڏيڻ، اتي ويهڻ، ڳانن مان لذت حاصل ڪرڻ، اِهو اهڙو خطرناڪ ترين ڪم آهي جو فرمايائون: هي ڪفر منجهان آهي يعني ڪافرن وارو عمل آهي جيڪو دل مان ايمان جو نورُ

[1] رد المحتار لابن عابدين، كتاب الحظر و الاباحة، فصل في البيع، جلد:9، صفحه:651۔

گهٽائي ڇڏيندو آهي ۽ ڪاراڻ وڌائي ڇڏيندو آهي.

## ڪَنن ۾ آڱريون وِجهڻ

حضرت نافع رَضِیَ اللّٰہُ عنه فرمائن ٿا: مان (ننڍپڻ ۾) حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عنه سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هئس ته رستي ۾ بانسري وڄڻ جو آواز اچڻ لڳو، حضرت ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عنه پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وِجهي ڇڏيون ۽ رستيءَ کان ٻئي طرف هٽي ويا، ڪجهه پري وڃڻ کان پوءِ پڇيائون: نافع! ڇا آواز اچي رهيو آهي؟ مون عرض ڪيو: نه هاڻي نه اچي رهيو آهي. اِهو ٻڌي پاڻ ڪنن مان آڱريون ڪڍي ڇڏيائون ۽ ارشاد فرمايائون: هڪ ڀيري مان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هئس، ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم به ائين ئي ڪيو جيئن مون ڪيو.[1]

## موسيقيءَ جو آواز اچي رهيو هجي ته اتان هٽي وڃو

معلوم ٿيو ته جيئن ئي موسيقيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي فوراً ڪنن ۾ آڱريون داخل ڪري اتان ڪان پري هٽي وڃڻ گهرجي ڇوته جيڪڏهن آڱريون ته ڪنن ۾ وِجهي ڇڏيون پر اتي ئي بيٺا رهيا يا ويهي رهيا يا ٿورڙو پري هٽي ويا ته موسيقيءَ جي آواز کان بچي نه سگهندؤ. آڱريون ڪنن ۾ نه به وِجهو پر ڪهڙي به طرح موسيقيءَ جي آواز کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ واجب آهي.

## موسيقيءَ کان بچڻ جو انعام

جيڪو موسيقي ٻڌڻ کان پاڻ کي بچائيندو آهي، ان خوش نصيب جو انعام

[1] ابو داود، كتاب الادب، باب كراهية الغناء و الزمر، صفحه:771، حديث:4924

ﭼ بڌي ونوء رسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو خوشبودار ارشاد آهي: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ فرمائيندو: ڪٿي آهن اُهي ماڻهو جيڪي پنهنجن ڪنن ۽ اکين کي شيطاني مزامير (يعني موسيقيءَ جي آوازن) کان پري رکندا هئا؟ انهن کي بقيه ماڻهن کان الڳ ڪري ڇڏيو! ملائڪ کين الڳ ڪري مشڪ ۽ عنبر جي ٿلهَن تي ويهاري ڇڏيندا، پوءِ الله پاڪ ملائڪن کي فرمائيندو: هنن کي منهنجي تسبيح ۽ تحميد ٻڌايو! ملائڪ اهڙي آواز ۾ کين (الله پاڪ جو ذڪر) ٻڌائيندا جو ٻڌندڙن اهڙو آواز پهريان ڪڏهن نہ ٻڌو هوندو.[1]

الله پاڪ اسان کي موسيقيءَ کان بچڻ، گانن باجن وغيره جي آفت کان محفوظ رهڻ ۽ هر طرح جي گناهن کان پري رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! رحمتِ الٰهيءَ سان، شفاعتِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي بي حساب جنت ۾ داخلا نصيب ٿي وڃي . اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف : آءِ ٽِي ڊپارٽمينٽ

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم آهي، جيڪا مختلف شعبن جي ذريعي ديني ۽ فلاحي خدمتن ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبو آءِ ٽِي ڊپارٽمنٽ بہ آهي.

هي شعبو جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي علمِ دين ۽ نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪري رهيو آهي. هن وقت تائين هن ڊپارٽمينٽ جي ذريعي 55 موبائل ايپليڪيشنز مثلاً ◈ تفسير صراط الجنان ◈ فيضانِ حديث ◈ فتاويٰ رضويه ◈ بهارِ شريعت ◈ اسلامڪ اسپيچز ◈ دار الافتاء اهل سنت

[1] كنز العمال، كتاب اللهو و اللعب والتغني، جز:15، جلد:8، صفحه:96، حديث:40658۔

وغيره. جڏهن تہ 87 اسلامڪ ويب سائيٽس مثلاً ◈ www.dawatislami.net ◈ www.dawateislami.org ◈ ilyasqadri.com وغيره جاري ٿي چڪيون آهن. هنن ايپليڪيشنز ۽ ويب سائيٽس مان پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو. هڪ ايپلي ڪيشڻ جو تعارف پيش ڪيان ٿو.

## قرآن ٽيچر موبائل ايپليڪيشن

الحمدللہ! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جي I.T آئي ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن قرآن ٽيچر (Quran Teacher) جي نالي سان جاري ڪئي آهي. ◈ هن ايپلي ڪيشن ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوٰت ڪورس جهڙن بيشمار آن لائن ڪورسز لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي ◈ اسٽوڊنٽ پورٽل (Student Portal) ۾ پنهنجي آن لائن ڪلاس جي سرگرمين جي باري ۾ باخبر رهي سگهجي ٿو ◈ دعوتِ اسلاميءَ جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 50 کان وڌيڪ اسلامي ڪورسَ ڪرايا ويندا آهن ◈ هيءَ ايپلي ڪيشن آن لائن ٿيڻ وارن ڪورسن بابت بہ معلومات (Information) فراهم ڪري ٿي. توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن مشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ لاءِ داخلا وني سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ پيارا اسلامي ڀائرو!هر چنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ چنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

◈ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي عجيب آزمائش جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ مڪتبة المدينہ هڪ اهم ڪتاب سيرتِ مصطفيٰ جانِ رحمت جي نالي سان شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ توهان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي، سندن آباؤ اجداد، ولادتِ با سعادت، ننڍپڻ، جواني ۽ ٻيا اهم تاريخي واقعات پڙهي سگهو ٿا. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 450 روپين ۾ قيمتاً حاصل فرمايو، پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

◈ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ قرآن ۽ سنت جي خدمت ۾ مصروف آهي، توهان کي گذارش آهي تہ ديني ڪمن جي ترقي جي لاءِ دعوتِ اسلاميءَ سان ڀرپور تعاون ڪريو، قربانيءَ جا ڏينهَن اچڻ وارا آهن، الله پاڪ قرباني

ڪرڻ وارن جون قربانيون قبول فرمائي! پنهنجي قربانيءَ جي جانورن جون کلُون دعوتِ اسلاميءَ کي ڏيو! تي سگهي تہ هاڻي کان ئي نيت فرمايو تہ اسان پنهنجي قربانيءَ جون کلُون دعوتِ اسلاميءَ کي ڏينداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْکَرِيْم!

◈ شرعي تقاضن مطابق قرباني ڪرائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جي انتظام هيٺ ٿيڻ واري اجتماعي قرباني ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! ان جي لاءِ پنهنجي علائقي جي دعوتِ اسلامي جي ذميدارن سان رابطو فرمايو. اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ سنت بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ أَحَبَّنِی وَمَنْ أَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

---

1…تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

## قرباني سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

(1): جيڪو خوش دليءَ سان، ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪندو آهي، اُها قرباني ان جي لاءِ جهنم کان اوٽ بڻجي ويندي آهي.[1]

(2): توهان جي لاءِ قربانيءَ جي جانور جي هر وارَ جي بدلي ۾ هڪ نيڪي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اهتمام سان قرباني فرمائيندا هئا، حضرت عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عنها فرمائن ٿيون: پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ هڪ چٽڪبرو (اڇن ۽ ڪارن نشانن وارو) گهيٽو پيش ڪيو ويو، جنهن کي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن هٿن سان ذبح فرمايو.[3] ◈ قرباني هر اُن بالغ مقيم مسلمان مرد ۽ عورت تي واجب آهي، جيڪو مالڪِ نصاب (يعني جنهن وٽِ ساڍا ٻاونجاهه تولا چاندي يا ايتري ماليت جي رقم يا ايتري ماليت جو تجارتي مال يا ايتري ئي ماليت جو حاجتِ اصليه کان سواءِ سامان) موجود هجي.[4] ◈ جيڪو استطاعت جي باوجود قرباني نه ڪري، اهڙي شخص جي باري ۾ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته اُهو اسان جي عيد گاهه جي ويجهو نه اچي.[5] ◈ حضرت بابا فريد الدين گنج شڪر رحمةُ اللّٰهِ عليه فرمائن ٿا: جيڪو صدقو ۽ قرباني نه ڪندو آهي، ان کان آرام

---

1...معجم کبير،جلد:2، صفحه:213، حديث:2670۔

2...ابن ماجه، کتاب:الاضاحی، باب:ثواب الاضحيه، صفحه:510، حديث:3127۔

3... مسلم، کتاب الاضاحی، باب استحباب الضحية...الخ، صفحه:782، حديث:1967۔

4... فتاویٰ ہنديه، کتاب الاضحيه، باب فی تفسيرها و رکنها...الخ، جلد:5، صفحه:360-362 ملتقطاً۔

5... ابن ماجه، کتاب الاضاحی، باب الاضاحی واجبة ام لا، صفحه:509، حديث:3123۔

گسيو ويندو آهي.[1] ◈ قربانيءَ جي وقت ۾ قرباني ڪرڻ ئي لازمي آهي، ڪنهن ٻي شيءِ (يعني مال وغيره جي ذريعي صدقو ڏيڻ) ناڪافي آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! قربانيءَ جا تفصيلي احڪام سکڻ لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪتاب بهارِ شريعت جلد: 3، حصو: 15 ۽ امير اهل سنت حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 50 صفحن تي مشتمل رسالو ابلق گهوڙي سوار خريد فرمايو ۽ ان جو مطالعو ڪريو. الله پاڪ اسان ڪي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت

1⋯ فيضان بابا فريد، صفحه:65۔

2⋯ فتاوىٰ ہنديہ، كتاب الاضحيہ، باب فى تفسيرها و ركنها...الخ، جلد:5، صفحه:363۔

۽ ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3...القول البديع، الباب الثانى، ص277

ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا

1... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع، الباب الاول، ص125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

2 ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455